مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
29 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 11 ذوالحج شريف، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جون وصفون (سيپارو: 16، سوره مريم: 54_55)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جو تعارف
- ✿... گهر وارن کي نہ سمجهائڻ جا نقصانات
- ✿... فلمن کان نفرت جي باوجود عذاب (واقعو)
- ✿... گهرَ جو گهرُ سڌري ويو (واقعو)

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

كَثْرَةُ الذِّكْرِ وَالصَّلَاةُ عَلَيَّ تَنْفِي الْفَقْرَ.

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ: الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ تنگدستي (Poverty) کي دور ڪندو آهي.[1]

تم ہو جوّاد و کریم، تم ہو رئوف و رحیم | بھیک ہو داتا عطا، تم پہ کروڑوں درود

خَلق کے حاکم ہو تم، رِزق کے قاسِم ہو تم | تم سے مِلا جو مِلا، تم پہ کروڑوں درود (2)

**وضاحت:** ◈ يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! توهان تمام گهڻا سخي به آهيو، ڪرم فرمائيندڙ به آهيو، مهربان به آهيو، بنهي جهانن لاءِ رحمت به آهيو، اي ڏاتار! مون کي به خيرات عطا فرمايو! توهان تي ڪروڙين درود هجن. ◈

---

[1]… القول البديع،الباب الثانى فى ثواب الصلاة على رسول الله صَلَّى اللهُ عليه وَآلِهٖ و سَلَّم ،صفحه:135۔

[2]… حدائقِ بخشش ،صفحه:269۔

يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! توهان مخلوق جا حاڪم ﺑﻪ آهيو، رزق ورهائيندڙ ﺑﻪ آهيو، جيڪو ڪجھ ﺑﻪ مليو آهي، توهان جي ئي صدقي مليو آهي، توهان تي ڪروڙين درود هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:**

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ ٞ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾

وَكَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ ۪ وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿۵۵﴾

(سيپارو: 16، مريم: 54_55)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيم وَصَدَقَ رَسُولُه النَّبِيُّ الْكَرِيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ ڪتاب ۾ اسماعيل کي ياد ڪر بيشڪ هو وعدي جو سچو هو ۽ غيب جون خبرون ڏيڻ وارو رسول هو ۽ هو پنهنجي گھر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو ۽ هو پنهنجي رب وٽ وڏو پسند ڪيل ٻانهو هو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لله! ذوالحجة الحرام جو مقدس ۽ مبارڪ مهينو جاري آهي، الله پاڪ هن مبارڪ مهيني ۾ ڪيل اسان جي عبادتن، رياضتن، قربانين کي پنهنجي فضل و ڪرم سان قبول فرمائي. الله پاڪ اسان سڀني تي پنهنجو خاص فضل و ڪرم فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

| | |
|---|---|
| مولیٰ مجھ کو نیک بنا دے | اپنی اُلفت دِل میں بَسا دے |
| اپنی رِضا کا دیدے مژدہ | یااللہ! میری جَھولی بَھر دے[1] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا پيارا نبي آهن ◈ اسان جا آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سندن اولاد مان ئي آهن ◈ پاڻ تمام بلند مرتبي واري هستي آهن ◈ الله پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا شهزادا آهن ◈ پاڻ اهي ذيشان آهن، جن جي ياد ۾ اسين قربانيون ڪندا رهندا آهيون ◈ سندن قدمن جي برڪت سان ئي آبِ زم زم جو چشمو جاري ٿيو ◈ پاڻ پنهنجي والد حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏجي خانۂ ڪعبه جي تعمير فرمائي ◈ الله پاڪ کين قبيلۂ جُرهم ۽ قومِ عَمَالِقہ ڏانهن نبي بڻائي ڪري موڪليو[2] ◈ پاڻ ئي سڀ کان پهرين فصيح عربي زبان ۾ ڪلام فرمايو[3] الله پاڪ کين 12 پٽ عطا فرمايا، پوءِ انهن 12 پٽن مان ئي اڳتي نسل هليو ۽ عرب جو هي سڄو خطو آباد ٿيو. ربِ رحمٰن قرآنِ مجيد ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي سندن ذڪرِ خير فرمايو آهي.

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:121-123ملتقطًا۔

[2]...الروض الانف، ذکر اسماعیل علیہ السلام وبنیہ، جلد:1، صفحہ:42 خلاصۃً۔

[3]...فتح الباری، کتاب احادیث الانبیا، باب یزفون النسلان فی المشی، جلد:6، صفحہ:488، تحت الحدیث:3364۔

# مبارڪ آيتن جو خلاصو

سيپارو: 16، سورة مريم جون 2 آيتون (آيت: 54 ۽ 55) اسان پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، انهن آيتن ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جون ڪجهه وصفون ۽ فضائل بيان ٿيا آهن، الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ ۫

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ ڪتاب ۾ اسماعيل کي ياد ڪر. (سيپارو: 16، مريم: 45)

سُبْحٰنَ الله! هي آهي قرآنِ ڪريم جي تعليم...!! ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو چوندا آهن تہ توهان نبي سڳورن ۽ ولين جا ئي قصا ٻڌائيندا رهندا آهيو. اهڙن ماڻهن لاءِ عرض آهي تہ: ◈ نبي سڳورن ۽ ولين جو ذڪر ڪرڻ ◈ سندن سيرت، اخلاق ۽ ڪردار کي پڙهڻ ◈ بيان ڪرڻ قرآن جي ئي تعليم آهي. توهان سوره مريم کي ئي پڙهي ڏسو! ڪٿي الله پاڪ فرمايو: ڪتاب ۾ حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام کي ياد ڪر! ڪٿي فرمايو: ڪتاب ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي ياد ڪر! ڪٿي الله پاڪ فرمايو: ڪتاب ۾ مريم کي ياد ڪر!

مريم ڪير آهي؟ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده محترمہ آهي، ڪامل وليہ آهي. خبر پئي تہ نبي سڳورن ۽ ولين جو ذڪر ڪرڻ بہ عبادت آهي، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي تہ سڄو قرآن الله پاڪ جو ذڪر آهي، ۽ قرآن پڙهي ڏسو! ◈ ان ۾ انبياءِ ڪرام جا تذڪرا اچن ٿا ◈ اولياءِ ڪرام جا بہ تذڪرا اچن ٿا ◈ صحابہءِ ڪرام جو ذڪرِ خير بہ آهي ◈ اهلِ بيت پاڪ جا شانَ بہ ان ۾ بيان ٿيا آهن، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ◈ نبين جو ذڪر ڪرڻ بہ ذڪرُ الله آهي ◈ الله پاڪ جي پيارن دوستن يعني

اولياءُ الله جو ذڪر بہ ذڪرُ الله آهي ۽ ◈ صحابہ و اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم جو ذڪر بہ ذڪرُ الله ۾ شامل آهي.[1] الله پاڪ اسان کي ان ذڪر جي ڪثرت ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

خُدا کا ذِکر کرے، ذِکرِ مصطفےٰ نہ کرے
ہمارے مُنہ میں ہو ایسی زباں خُدا نہ کرے

خير! الله پاڪ فرمايو: ڪتاب ۾ اسماعيل کي ياد ڪر! ان ڪان اڳيان ارشاد ٿيو:

اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ هو وعدي جو سچو هو. (سيپارو: 16، مريم: 54)

هي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي پياري وصف آهي جو پاڻ وعدي جا سچا هئا. يقيناً سيئي نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام وعدي جا سچا آهن پر حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام وعدو نڀائڻ ۾ هڪ ممتاز مقام رکن ٿا، تنهنڪري سندن هن خاص وصف جو ذڪر ڪري رب رحمٰن فرمايو:

اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ هو وعدي جو سچو هو. (سيپارو: 16، مريم: 54)

وڌيڪ ارشاد ٿيو:

[1]...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:304 مفصلاً۔

وَكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ غيب جون خبرون ڏيڻ وارو رسول هو. (سيپارو: 16، مريم: 54)

هي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۽ عظمت جو بيان آهي، ربِ ڪريم پاڻ کي قبيلي جُرهَم ۽ قومِ عمالقہ ڏانهن نبي بڻائي موڪليو، پاڻ انهن کي حق جي رستي ڏانهن سڏيندا هئا، نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا، ڪيترن ئي ماڻهن سندن دعوت کي قبول ڪيو ۽ ڪلمو پڙهي جنت جا حقدار بڻجي ويا.

الله پاڪ وڌيڪ فرمائي ٿو:

وَكَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ ۠

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هو پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو. (سيپارو: 16، مريم: 55)

هي بہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي پياري وصف آهي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي تہ نيڪي جي دعوت ڏيندا ئي هئا، ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهر وارن کي بہ نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندا هئا.

وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هو پنهنجي رب وٽ وڏو پسند ڪيل ٻانهو هو. (سيپارو: 16، مريم: 55)

هي بہ سندن بلند شان آهي تہ پاڻ رب رحمٰن وٽ بلند مقام رکن ٿا، پاڻ الله پاڪ جا تمام پسنديده ٻانها آهن.

ربِ ڪريم اسان جي حال تي بہ رحم فرمائي، اسان تہ ڪنهن لائق نہ آهيون، رب رحمٰن ۽ رحيم حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي، پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي پنهنجي رضا عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گُناہوں سے ہر دَم بچا یاالٰہی!
مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عَطا یاالٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آيتِ ڪريم مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن آيتن ۾ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جون 2 پياريون وصفون بيان ٿيون:

## (1): وعدي جا سچا

پهرين وصف ارشاد ٿي:

اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ هو وعدي جو سچو هو. (سيپارو: 16، مريم: 54)

هي پاڻ جو تمام ممتاز وصف آهي، پاڻ وعدي جا سچا هئا، ڪتابن ۾ لکيل آهي: تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن بہ ڪنهن سان ڪو وعدو فرمائيندا هئا تہ

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

(چاهي ان کي پورو ڪرڻ ۾ ڪيڏي بہ مشڪل هوندي هئي، پاڻ وعدو فرمائيندا هئا تہ) ان کي ضرور پورو ڪندا هئا.[1]

## ڪيترن ئي ڏينهن تائين انتظار ڪندا رهيا

حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ سندن هڪ دوست ڪنهن ڳوٺ جي پرسان گذري رهيا هئا، سندن دوست عرض ڪيو: سائين! يا تہ توهان ڳوٺ ۾ تشريف کڻي هلو ۽ ڪجهہ سودو وٺي اچو! يا وري توهان هتي ترسو، مان وڃان ٿو، توهان جي ضرورت جون شيون بہ مان ئي کڻي ايندس. فرمايائون: مان هتي ويهان ٿو، تون سودو وٺي اچ! هاڻي اهو شخص ڳوٺ ۾ ويو، سودو وغيره ورتائين، ڪيس هاڻي ياد ئي نہ رهيو تہ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام منهنجو انتظار فرمائي رهيا آهن، جيئن تہ اهو ڪنهن ٻئي رستي کان نڪري ويو. ان واقعي کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن اوچتو اهو شخص اتان گذريو تہ ڏٺائين حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام اڃا تائين اتي ئي تشريف فرما آهن! ان حيرانيءَ مان پڇيو: توهان اڃا تائين هتي آهيو؟ فرمايائون: تنهنجي انتظار جو وعدو ڪيو هو، جيستائين تون نہ اچين ها، مان ڪيئن ٿي وڃي سگهيس...!!

اهڙي طرح هڪ ٻئي واقعي ۾ بہ پاڻ هڪ شخص سان وعدو ڪيو تہ مان فلاڻي جاءِ تي توکي ملندس. پاڻ وقت تي پهتا پر هو شخص وساري ويٺو. انتظار ڪندي شام ٿي وئي، پوءِ شام کان پوءِ رات ۽ پوءِ ٻيو ڏينهن ٿي ويو. هاڻي پوري رات گذرڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن جڏهن هن کي ياد آيو ۽ پاڻ عَلَيۡهِ

[1] ...تفسير قرطبي، پاره:16، سورة مريم، زير آيت:54، جز:7، جلد:6، صفحه:29۔

السَّلَام کي اتي ڏنائين. ان حيرانيءَ مان عرض ڪيو: توهان اجا تائين هتي آهيو؟ (افسوس!) مان وساري ويٺو هئس.

هاڻي هتي نبوي اخلاق ڏسو! پاڻ ڪاوڙ ٻه نه ڪئي، ان شخص کي جهڻڪيو ٻه نه، برو ڀلو ٻه نه چيو پر نرمي سان فرمايو: جيستائين تون نه اچين ها، مان هتي ئي ويٺو هجان ها.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن الله جا نبي حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلام...!! جن جي ياد ۾ اسين قربانيون ڪندا آهيون، هر سال هزارين جانور رب جي نالي تي ذبح ڪندا آهيون. تمام سٺي ڳالهه آهي، قرباني ڪرڻي آهي، ضرور ڪرڻي آهي، جن تي واجب آهي انهن کي ته ڪرڻي ئي ڪرڻي آهي نه ته گنهگار ٿيندا، پر ان سان گڏوگڏ جن جي ياد ۾ قرباني ڪريون ٿا، انهن جا اخلاق به اپنائڻا آهن. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلام وعدي جا سچا هئا، جڏهن وعدو ڪري وٺندا هئا ته ان کي پورو ڪندا هئا. افسوس! اسان وٽ هاڻي حالتون ابتيون ٿي ويون آهن. وعدو نڀائڻ اسان جي دين ۾ شامل آهي پر ماڻهو وعدو ڪندا آهن پر نڀائيندا ناهن ◈ وعدو ڪري ورتو ته فلاڻي وقت ملندس پر ملندا ناهن ◈ جنهن جو قرض موٽائڻو آهي ان سان وعدو ڪري ورتو ته شام جو ڏيندس، فلاڻي وقت ڏيندس پر ناهن ڏيندا. مثال طور جيڪڏهن انتظام نه ٿي سگهيو ته وڌيڪ مهلت به ناهن گهرندا پر منهن به ناهن ڏيکاريندا بلڪ هاڻي ته اجا وڌيڪ اپ ٽو ڊيٽ معاملو ٿي ويو آهي، جنهن جو قرض موٽائڻو آهي ماڻهو ان کي ئي اکيون ڏيکاري رهيا هوندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم ڪري. وعدي خلافي جا ٻيا به مثال آهن، هاڻي عيدُ الاضحيٰ تي ئي ڏسو!

---

[1]...تفسير درمنثور، پاره:16، سورة مريم، زير آيت:54، جلد:5، صفحه:516 مفصلاً۔

قصائي وعدو ڪندا آهن پر وقت تي ناهن ايندا، جن کي قرباني ڪرڻي آهي اهي انتظار ۾ وينا هوندا آهن. هي تمام خراب ڳالهه آهي.

## وعدي خلافي حرام آهي

سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: خُلۡفُ الۡوَعۡدِ حَرَامٌ يعني ڪوڙو وعدو ڪرڻ حرام آهي.[1] حديث پاڪ ۾ آهي: (1): جيڪو مسلمان عهد شڪني ۽ وعدي خلافي ڪري، ان تي اللهؕ، فرشتن ۽ سڀني انسانن جي لعنت آهي ۽ ان جو نہ ڪو فرض قبول ٿيندو نہ نفل.[2] هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ ماڻهو ان وقت تائين تباهہ نہ ٿيندا جيستائين هو پنهنجي ماڻهن کان عهد شڪني نہ ڪندا.[3]

اللهاڪبر! معلوم ٿيو تہ وعدي خلافي تباهي جي سببن مان هڪ سبب آهي. اللهؕ پاڪ اسان کي ان گناهہ کان بچائي.

## وعدي خلافي ڪنهن کي چئبو آهي؟

وعدي خلافي ڪنهن کي چئبو آهي؟ هي بہ هڪ اهم سوال آهي، اسان وٽ ماڻهن کي معلوم ناهي هوندو. منهنجي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد آهي: وعدي خلافي هي ناهي تہ ماڻهو وعدو ڪري ۽ اُن جي نيت پوري ڪرڻ جي بہ هجي، بلڪ وعدي خلافي هي آهي تہ ماڻهو وعدو ڪري پر نيت پوري ڪرڻ جي نہ هجي.[4] هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ

[1]...فتاويٰ رضويہ، جلد:25، صفحہ:69۔

[2]...بخاری، كتاب الجزيہ والموادعۃ، باب اثم من عاہد ثم غدر، صفحہ:815، حديث:3179۔

[3]...ابو داؤد، كتاب الملاحم، باب قيام الساعۃ، صفحہ:682، حديث:4348۔

[4]...جامع لاخلاق الراوی، تعيين المجلس المحدث للطلبۃ يوم المجلس...الخ، جلد:2، صفحہ:60، حديث:1179۔

جڏهن ڪو شخص پنهنجي پاڻ سان وعدو ڪري ۽ نيت پوري ڪرڻ جي هجي پوءِ پورو نہ ڪري سگهي، وعدي تي نہ اچي سگهي، تہ ان تي گناهہ ناهي.[1]

يعني وعدي خلافي جو تعلق نيت سان آهي. مثال طور ڪنهن سان وعدو ڪيو تہ فلاڻي وقت ملندس، دل ۾ نيت بہ آهي تہ ملندس، هاڻي ڪنهن سبب ڪري نہ ملي سگهيو تہ اها وعدي خلافي ناهي. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن جيڪي ماڻهو ٽارڻ جي لاءِ چوندا آهن تہ: ها فلاڻي وقت ملندس پر دل ۾ نيت ملڻ جي ناهي هوندي، اها وعدي خلافي آهي.

## وعدي جي پابندي جو بي مثال نمونو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ تہ ماڻهو معمولي ڳالهين تي ڪوڙا وعدا ڪندا آهن، الله پاڪ جي نبي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي پاڪ سيرت ڏسو! مشهور معروف واقعو آهي، تہ سندن والد محترم حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: پٽ! مون ڪي خواب ڏيکاريو ويو آهي تہ توکي (رب جي رضا لاءِ) ذبح ڪري رهيو آهيان. پاڻ وعدو ڪندي عرض ڪيو:

قَالَ یٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ٘ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ(۱۰۲)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي پنهنجا پيءُ! تون اهو ڪر جنهن جو توکي حڪم ڏنو پيو وڃي اِنْ شَآءَ اللّٰه عنقريب تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين.

(سيپارو: 23، الصفت: 102)

[1]...ابو داؤد، كتاب الادب، باب فی العدة، صفحہ:781، حديث:4995۔

ڏسو هي ڪيڏي مشڪل ۽ ڳالهه هئي پر حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام وعدي جا پڪا هئا. پاڻ خود حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي عرض ڪيو: بابا جان! منهنجا هٿ ٻڌي ڇڏيو، ڇُري تيز ڪري ونو، اکين تي پٽي ٻڌي ونو! ته جيئن ڪو به جذبو، پيءُ واري محبت، ڪابه شيءِ هي وعدو نڀائڻ ۾ آڏو نه اچي. آخرڪار پاڻ گردن پيش ڪري ڇڏيو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام انهن تي ڇُري به رکي ڇڏي، پر بلڪل انهيءَ وقت الله پاڪ عيوض ۾ جنتي گهيٽو موڪلي ڏنو.

سبحان الله! هي آهي وعدي جي پابندي...!!

يه فيضانِ نظر تھا يا مکتب کی کَرامَت تھی
سِکھائے کس نے اِسماعیل کو آدابِ فَرزَندی (1)

**وضاحت:** حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي حڪم تي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جو فوراً لبيڪ چئي پنهنجو متو جهڪائي ڇڏڻ، ڇا هي ڪنهن نظر جو فيضان آهي يا ڪنهن مدرسي جي تعليم ۽ تربيت آهي؟ هيءَ والد محترم جي فرمانبرداري جون هي اعليٰ وصفون ڪنهن سيکاريون؟ يقيناً هي الله جي عنايت هئي، پاڻ نبي آهن ۽ الله کين پاڪيزه اخلاقن وارو بڻايو هو.

الله پاڪ اسان کي به وعدي جي پابندي نصيب فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

1... ڪلياتِ اقبال، باب جبريل، صفحه:353۔

## (2): گھر وارن کي نيڪي جي دعوت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻئين وصف بيان ٿي:

وَكَانَ يَأْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ ۪

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هو پنهنجي گھر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو. (سيپارو: 16، مريم: 55)

سبحان الله! هي بہ هڪ پياري وصف آهي، الله جا نبي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ تہ بلند مرتبي وارا هئا ئي پر پاڻ پنهنجي قوم کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي گھر وارن کي بہ نيڪي جو حڪم ڏيندا هئا.

## گھر وارن کي نہ سمجھائڻ جا نقصانات

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام اهم ذميواري آهي، اسان کي پنهنجي گھر وارن جي اصلاح طرف بہ توجهہ ڏيڻ گھرجي، افسوس! ◈ اڄڪلهہ معاشرو زوال جي طرف وڃي رهيو آهي ◈ معاشري ۾ نوجوان بي راهہ ٿي رهيا آهن ◈ آوارا گردي وڌي رهي آهي ◈ بي حيائي ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي ◈ اڄ ڪلهہ جا نوجوان گهٽين ۽ رستن تي گوڙ ڪندا ڦرندا آهن ◈ وڏن جو احترام گهٽ ٿي رهيو آهي ◈ مسجدن جي رغبت گهٽ ٿي رهي آهي ◈ علمِ دين کان دوري ٿي رهي آهي ◈ مسلمان مقصدِ زندگي وساري رڳو کائو پيئو جان ٺاهيو تي لڳي ويا آهن ◈ اسلام جا بنيادي عقيدا بہ معلوم ناهن ◈ مسلمان جي لاءِ جيڪي ضروري ۽ بنيادي مسئلہ آهن، اهي

بہ معلوم ناهن هوندا. ◈ پاڪي ناپاڪي جي معلومات نوجوانن کي تمام گهٽ آهي ◈ ايمان وڪامجي رهيا آهن ۽ کهڙيون کهڙيون برايون معاشري ۾ جنم وٺي رهيون آهن، اوهان بہ واقف آهيو، ٿورو غور فرمايو! هن سيني کي روڪڻ جو اصل مرڪز ڪهڙو آهي؟ اسان جو گهر، جيڪڏهن ◈ هر ماءُ ◈ هر پيءُ ◈ هر ڏاڏو ◈ هر چاچو ◈ هر مڙس ◈ هر وڏو ڀاءُ پنهنجي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ٻارن، پنهنجي ڀائٽن، پنهنجي ڀاڻجن ڀاڻيجين، پنهنجي گهر وارن ۽ ڀائرن ڀينرن جي اصلاح شروع ڪري ڏي تہ توهان ئي ٻڌايو! معاشري مان هي بي حيائي، بُرائي وغيره ڪٿان ايندي. اصل مسئلو ئي هتان شروع ٿيندو آهي ◈ پهريان تہ گهر جا وڏا پاڻ ديندار ناهن ◈ پاڻ نمازون ناهن پڙهندا ◈ ٻارن کي ترغيب ناهن ڏيندا◈ پاڻ کي قرآن صحيح پڙهڻ ناهي ايندو ◈ ٻارن کي بہ ناهن پڙهائيندا ◈ شادي کي سال گذري ويا پر پاڪي ناپاڪي جي مسئلن جي خبر ناهي، ◈ گهر وارن کي بہ ناهن سيکاريندا، ◈ پاڻ کي عقيدن جو علم ناهي، ٻارن کي بہ ناهن سيکاريندا.

وري ڪيئي ماڻهو اهڙا آهن، ◈ جيڪي پاڻ تہ ديندار آهن ◈ پاڻ نمازون بہ پڙهندا آهن ◈ روزا بہ رکندا آهن ◈ نيڪ ڪم بہ ڪندا آهن ◈ ۽ ديني معلومات بہ رکندا آهن، پر پنهنجي گهر وارن کي ان پاسي ناهن لڳائيندا. هن وقت اسان جيترا بہ مسجد ۾ حاضر آهيون، هر ڪو پنهنجي باري ۾ غور ڪري تہ ڪيترا اهڙا آهن جن جي گهر ۾ ٻيا ڀاتي بہ آهن: پٽ آهن، ڀائرَ آهن، ڀائٽيا آهن، اسان تہ مسجد ۾ اچي وياسين، پر اسان جي ڀاءُ، ڀائٽي يا پٽ نماز پڙهي يا نہ، ان تي توجهہ نٿا ڏيون. يقين مڃيو! اسان جي پاڪستان ۾ هن وقت جيترا پڪا نمازي آهن، جيڪي پنجئي وقت مسجد ۾ باقاعدگيءَ سان نماز ادا ڪن ٿا، جيڪڏهن صرف اهي پڪا نمازي پنهنجي گهر جي سمورن

مردن کي مسجد ۾ آڻڻ شروع ڪري ڏين تہ اسان جي مسجدن ۾ نمازين جو تعداد ڪيترائي ڀيرا وڌي ويندو.

ڏسي وٺو! رمضانُ المبارڪ ۾ مسجدون ڀرجي وينديون آهن، نمازين جي تعداد ۾ چڱو ڀلو اضافو ٿي ويندو آهي، اهي ماڻهو ڪير هوندا آهن؟ اهي اسان مان ئي هوندا آهن، ڪنهن جو پاءُ، ڪنهن جو پٽ، ڪنهن جو ڀائٽيو، ڪنهن جو والد تہ ڪنهن جو چاچو مسجد ۾ اچڻ شروع ڪري ڏيندو آهي ۽ مسجدون ڀرجي وينديون آهن. جيڪڏهن هر ڪو پنهنجي گهر جي انهن ئي فردن کي رمضان ڪان پوءِ بہ مسجد ۾ آڻيندو رهي تہ مسجدن جي رونق ڪيترائي ڀيرا وڌي ويندي، پر افسوس! اسان پنهنجي گهر وارن کي نيڪي جي دعوت ناهيون ڏيندا، بلڪ هاڻي تہ معاملو ان ڪان بہ اڳتي وڌي چڪو آهي، ڪڏهن ڪڏهن گهر جو ڪو فرد نيڪ بڻجڻ چاهيندو آهي تہ گهر وارا ڪيس طعنا ڏيندا آهن، طعنن مهڻن واريون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن ۽ نيڪي جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن. ڪيترا ئي اهڙا آهن جيڪي ڪنهن مبلغ جو بيان ٻڌي، ڪنهن جي نيڪي جي دعوت جي نتيجي ۾ يا ڪڏهن دعوتِ اسلامي جي ديني اجتماع ۾ اچي نيڪي جو ذهن ٺاهي وٺندا آهن: ڏاڙهي مبارڪ سجائڻ، عمامو ٻڌڻ ۽ فيشن مان جان ڇڏائي سنتن ڀري زندگي گذارڻ جو ارادو ڪندا آهن، پر سندن گهر وارا کين نيڪ رستي تان هٽائڻ ۾ لڳي ويندا آهن. اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ!

## گھروارن کي سمجھائيندا ڪريو!

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. پيارا اسلامي ڀائرو! پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي نيڪ رستي تي جو مسافر بڻائي ڪري، انهن کي نيڪي جي دعوت ڏئي ڪري دوزخ کان بچائڻ جو سامان ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي. الله پاڪ قرآن ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَاَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ گهر وارن کي ان باھ کان بچايو. (سيپارو: 28، التحريم: 6)

هن آيت مان معلوم ٿيو ته جتي مسلمان تي پنهنجي اصلاح ڪرڻ ضروري آهي اتي ئي گهر وارن (اهلِ خانه) جي اسلامي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ به ان تي لازم آهي. تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي ته هو پنهنجي گهر واري، ٻارن ٻچن ۽ گهر جي انهن مڙني ماڻهن کي جيڪي سندس ماتحت آهن، انهن سڀني کي اسلامي احڪامن جي تعليم ڏئي يا ڏياري، ۽ اهڙي طرح اسلامي تعليمات جي چانوَ ۾ سندن تربيت ڪري، ته جيئن اهي به جهنم جي باھ کان محفوظ رهن.

## گھروارن بابت پڇيو ويندو

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توهان مان هر هڪ نگران آهي ۽ هر هڪ کان سندس ماتحتن بابت سوال ڪيو ويندو. جيئن ته حاڪِم نگران آهي، ان کان ان جي

رعايا جي باري ۾ پڇيو ويندو، ماڻهو پنهنجي گهروارن جو نگران آهي، ان کان ان جي گهروارن جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.[1]

## فلمن کان نفرت جي باوجود عذاب (واقعو)

مفتي امين صاحب رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه (فيصل آباد وارا) پاڻ هڪ سبق آموز واقعو لکيو آهي: فرمائن ٿا تہ عرب شريف ۾ ٻہ دوست هئا، هڪ رياض ۾ رهندو هو ٻيو جده ۾ رياض واري دوست جو انتقال ٿي ويو. ڪجهہ عرصي بعد جده واري دوست ڪيس خواب ۾ ڏٺو تہ هو ويچارو عذاب ۾ گرفتار هو. سبب پڇڻ تي هن چيو: مون کي فلمن ڊرامن کان نفرت هئي پر ٻارن جي ضد تي مون گهر ۾ گناهن ڀري پروگرامن هلائڻ جو انتظام ڪري ڏنو. افسوس! جڏهن کان قبر ۾ آيو آهيان، تڏهن کان ئي گهر وارن جي ڪري عذاب ۾ مبتلا آهيان. مهرباني ڪري منهنجي گهر وارن کي سمجهايو تہ اهي گناهہ جا چينل نہ ڏسن.

دوست رياض وڃي کين خواب ٻڌايو، اَلْحَمْدُ لله اهي سمجهي ويا ۽ انهن گناهن ڀريا پروگرام هلائڻ ۽ ڏسڻ کان توبہ ڪئي. اڳين رات جڏهن دوست ستو تہ پنهنجي مرحوم دوست کي خوش ڏٺائين، هو مسڪرائي چئي رهيو هو: اَلْحَمْدُ لله! مون کان عذاب دور ٿي ويو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي تہ هر ڪنهن کان گهر وارن بابت پڇيو ويندو. ان سان

[1] ...بخاری، كتاب الجمعة، باب الجمعة فى القرى والمدن، صفحہ:274، حديث:893۔

[2] ... عذاب الٰہی کے محرکات، صفحہ:15-17خلاصۃً۔

گڏ هي عبرتناڪ واقعو بہ آهي، سمجھدار جي لاءِ ان ۾ ڪافي سبق آهي. اسان کي گھرجي تہ جن جي ياد ۾ قربانيون ڪندا آهيون، اهي ئي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام....!! انهن جا اخلاق بہ اپنايون ۽ پنھنجي گھر وارن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا ڪريون، برائي کان بچڻ ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندا ڪريون.

## گھر ۾ درس ڏيندا ڪريو!

الله پاڪ دعوتِ اسلامي تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي ۽ هن ديني تنظيم کي ڏينھون ڏينھن ترقي عطا فرمائي. اڄوڪي هن پُر فتني دور ۾ دعوتِ اسلامي اسان جي لاءِ تمام گھڻيون آسانيون پيدا ڪيون آهن. گھر ۾ ديني ماحول بڻائڻ ۽ گھر وارن کي نيڪي جي راهہ تي لڳائڻ جو هڪ بھترين طريقو دعوتِ اسلامي اسان کي سيکاريو آهي، ۽ اهو آهي: **گھر درس** پنھنجي گھر ۾ گھٽ نہ، صرف روزانو 7 منٽن جو درس ڏيڻ جو معمول بڻائي وٺو! هي ڪو ڏکيو ڪم ناهي. اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جا لکيل تمام آسان ڪتاب: مثال طور:◈ **فيضانِ سنت** ◈ **نيڪي جي دعوت** ◈ **غيبت جون تباهہ ڪاريون**◈**فيضانِ نماز** ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا رسالا مڪتبة المدينہ تان ملي سگھن ٿا. اهي ڪتاب ۽ رسالا حاصل ڪريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري وٺو! ڪو هڪ وقت مقرر ڪري وٺو ۽ روزانو ان وقت گھر جي سيني ڀاتين کي گڏ ڪري انهن ڪتابن ۽ رسالن مان ڪجھہ صفحا پڙهي ٻڌايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون توهان پاڻ اکين سان ڏسندا.

## گھر جو گھر سڌري ويو (واقعو)

مهاراشٽر (*Maharashtra*) هند جو واقعو آهي، هڪ اسلامي ڀاءُ چيو ته اسان جي گھر ۾ گناهن وارو ماحول هو. بُري صحبت جي ڪري عقائد به خراب هئا، پوءِ منهنجو 17 سالن جو ننڍو ڀاءُ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي ويو. هو گناهن کان بچڻ لڳو ۽ گھر ۾ جيڪي گناهه جا چينل هلندا هئا انهن کان پري رهڻ لڳو. مونکي اها ڳالهه خراب لڳي ۽ مان ساڻس ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. هن ڪجهه نه چيو پر روزانو گھر وارن کي گڏ ڪري فيضانِ سنت جو درس ڏيڻ لڳو. هڪ ڏينهن مان به ويهي رهيس، مونکي ڳالهيون ڏاڍيون وڻيون. پوءِ مان روزانو ويهڻ لڳس، منهنجي دل جي ڪارنهن ختم ٿي وئي. مان اجتماع ۾ وڃڻ لڳس، بد مذهبن جي صحبت ڇڏي ڏني، ڏاڙهي سجائي ۽ اسان جي گھر جا چار ئي ڪمرا جتي گناهن جا چينل هلندا هئا، اهي سڀ بند ٿي ويا.

بُری صحبتوں سے کَنارہ کَشی کر | کے اچھوں کے پاس آ کے پا مَدَنی ماحول
تمہیں لُطف آ جائے گا زِندگی کا | قریب آ کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول[1]

## گھر ۾ ديني ماحول بڻائڻ لاءِ

**پيارا اسلامي ڀائرو** !اوهان به همت فرمايو! گھر ۾ درس ڏيڻ جو معمول بڻايو! وري ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن گھر ۾ مدني چينل به هلائيندؤ ته اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! گھر ۾ ديني ماحول بڻجي ويندو. ان کان علاوه ◈ گھر ۾ اچڻ وڃڻ

[1]…وسائلِ بخشش، صفحه:646 ملتقطًا۔

وقت وڏي آواز سان سلام ڪرڻ جي عادت بڻايو! ◈ والدين جي عزت ڪريو! ◈ سندن احترام ۾ (تعظيماً) بيهي رهندا ڪريو! ◈ والدين جا هٿ ۽ پير چمندا ڪريو! ◈ هر هڪ کي توهان چئي مخاطب ڪندا ڪريو! ◈ گهر ۾ سختي ڪرڻ کان بچو! ◈ گهر جي سيني ڀاتين سان نرم لهجو اختيار ڪريو! ◈ گهر جا سڀ ڀاتي نيڪ ۽ نمازي بڻجي وڃن، ان لاءِ دعائون گهرندا رهو! ◈ عملي طور تي وقت بوقت نرميءَ سان ڪين نيڪي جي دعوت پڻ ڏيندا رهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر ۾ ديني ماحول قائم ٿي ويندو.

ميرے گهر والے سب پابندِ سُنّت | بنيں ايسا کرم ہو جانِ رحمت

## بيان جو خلاصو

خلاصو هي آهي ته حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جن جي ياد ۾ اسان قرباني ڪندا آهيون، انهن جون اعليٰ وصفون هي آهن: (1): وعدي جا سچا هئا، (2): گهر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندا هئا. اسان کي به گهرجي ته جيئن انهن جي ياد ۾ قربانيون ڪندا آهيون، ائين ئي انهن جا اخلاق به اپنايون. وعدي جي پابندي به ڪندا ڪريون ۽ پنهنجي گهر وارن کي، ٻارن کي، ٻارن جي ماءُ کي، ڀينرن ڀائرن وغيره کي نماز، روزي وغيره نيڪ ڪمن جي ترغيب به ڏياريندا رهون. الله پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

**(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڏي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)**

مسئلو: فرض پورا ڪرڻ کانسواءِ نفل قبول نہ ٿيندا آهن.

**وضاحت:** ائين مشاهدي ۾ آيو آهي تہ ماڻهن ۾ نفلي نمازن جو شوق وڌيڪ هوندو آهي، هيءَ سٺي ڳالهہ آهي: پر تهجد، اشراق ۽ چاشت بہ پڙهن ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجون قضا نمازون پڻ ادا ڪن. الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪي جي رغبت نصيب فرمائي. پر! هڪ مسئلو ذهن نشين ڪري ونو! اهو هي تہ **فرائض پورا ڪرڻ کان سواءِ نفل قبول ناهن ٿيندا.** [1] ان ڪري گهرجي تہ ◈ جنهن جي ذمي قضا نمازون هجن، اهو جلد کان جلد اهي نمازون پوريون ڪري◈ جنهن جي ذمي قضا روزا هجن، اهو روزا پورا ڪري❁جنهن جي ذمي گذريل سالن جي زڪوات رهيل هجي، اهو نفلي صدقي جي بدران (سڀ کان پهريان) زڪوات جي ادائيگي ڪري. اِنۡ شَآءَ اللّٰه الۡكَرِيۡم! ان جو وڌيڪ ثواب ملندو. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…ڪتاب الزہد لابن مبارک، باب ذکر رحمۃ اللہ تبارک...الخ، صفحہ:273، حدیث:914۔

## اسماءُ الحسنیٰ جي برڪت (وظيفو)

### يَاغَنِیُّ (اي بي نياز)

جنهن کي ڪرنگهي، گوڏن، جوڙن يا جسم ۾ ڪٿي بہ سور هجي، اهو اٿندي ويهندي هي الله پاڪ جو پيارو نالو يَاغَنِیُّ پڙهندو رهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سڪون ملندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مَدَنی پنج سوره، صفحہ:258۔